Calgary

# ڪووڊ-19 جا ٽُڪا لڳرائڻ بابت معلومات

## هاڻي ڪووڊ-19 جا ٽڪا مفت دستياب آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڪيلگري جا رهائشي آهن ۽ اهل آهن.

ٽُڪن بابت سوال هجڻ بلڪل جائز آهي. پنهنجي ڊاڪٽر يا قابل اعتبار ذريعن جيئن هيلٿ ڪينيڊا ۽ ايلبرٽا هيلٿ سروسز (AHS) کان اصل معلومات حاصل ڪريو. ٽُڪن جي فائدن جي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ **canada.ca/vaccines** وزٽ ڪريو.

صوبي ۾ سڀ کان پهرين انهن ماڻهن کي ٽُڪا هنيا پيا وڃن جنهن کي اها بيماري لڳڻ جو خطرو سڀ کان وڌيڪ آهي. جيڪڏهن توهان جي صورتحال پهرين ئي ٺيڪ نه آهي ته **alberta.ca/vaccine** وزٽ ڪريو يا پنهنجي ڊاڪٽر يا معالج سان ڳالهايو.

جيئن ئي توهان اهل ٿيو ته جلد از جلد ٽُڪا لڳرايو. اهل ٿيڻ بابت **alberta.ca/vaccine** تي ڄاڻ حاصل ڪريو. اصل مقرر وقت تي ٽڪا لڳڻ جو دارومدار ٽُڪن جي فراهمي تي آهي.

## توهان کي ٽُڪا ڇو لڳرائڻ گهرجن؟

ٽُڪا اسان جي مدافعتي نظام کي اينٽي باڊيز تيار ڪري مضبوط بڻائيندا آهن، جيڪي بيمارين کان بچڻ ۽ انهن جو مقابلو ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. جيئن ته ڪووڊ-19 هڪ نئون وائرس آهي، تنهن ڪري ڪنهن وٽ به ان سان وڙهڻ لاءِ قدرتي مدافعت جي صلاحيت موجود نه آهي. اهو انفيڪشن لڳڻ کان ٽڪا لڳرائڻ وڌيڪ محفوظ ۽ تمام مؤثر عمل آهي.

ٽڪا لڳرائڻ جو دارومدار هر ڪنهن جي مرضي تي آهي پر ٽڪا لڳرائڻ اسان کي ۽ ٻين کي محفوظ بڻائي ٿو ۽ جلد بهتري جي يقين دهاني ڪري ٿو. اهو عمل انفيڪشن لڳڻ کان توهان کي بچائي سگهي ٿو ۽ انفيڪشن لڳڻ جي صورت ۾ توهان کي شديد بيمار ٿيڻ کان محفوظ رکي ٿو.



## ڪنهن کي ٽُڪا لڳرائڻ گهرجن؟

**ايلبرٽا جو هر رهائشي جيڪو ٽُڪا لڳرائڻ جو اهل آهي ان کي ٽُڪا لڳرائڻ** گهرجن. ايتريقدر جو جيڪڏهن توهان ڪووڊ-19 کان صحتياب ٿيا هجو تڏهن به توهان کي ٽُڪا لڳرائڻ گهرجن ته جيئن توهان جو مدافعتي نظام طاقتور ٿي سگهي.

جيڪڏهن توهان وٽ ايلبرٽا هيلٿ ڪيئر ڪارڊ نه آهي، تڏهن به توهان ٽُڪا لڳرائي سگهو ٿا. 811 تي ڪال ڪري پنهنجي اپوائنٽمينٽ بُڪ ڪريو.

ٽُڪا لڳرائڻ لاءِ توهان وٽ ڪينيڊا جي شهريت هجڻ لازم نه آهي، فقط توهان جي شناخت اهم آهي. قبول ٿيل ID جي فهرست حاصل ڪرڻ لاءِ **alberta.ca/vaccine** وزٽ ڪريو.

## ٽڪا لڳرائڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟

جيستائين ايلبرٽا جي تقريباً هر هڪ فرد کي ٽُڪا هڻي محفوظ بڻايو وڃي، تيستائين اسان کي لازمي طور عوامي صحت جي هيٺين سيني هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي:

- ماسڪ جو استعمال ڪريو؛
- هڪٻئي کان 2 ميٽر پري رهو؛
- پنهنجا هٿ لڳاتار ڌوئندا رهو؛ ۽
- جڏهن توهان کي پنهنجي طبيعت صحيح محسوس نه ٿئي ته گهر ۾ رهو.

AHS توهان کي ٽُڪي جي ٻئي ڊوز لاءِ اهل ٿيڻ تي اطلاع ڏيندي.

## مدد / تعاون

- جيڪڏهن توهان ۾ ڪورونا وائرس جون علامتون ظاهر ٿين ته توهان کي لازمي طور گهر ۾ رهڻ گهرجي ۽ ٽيسٽ ڪرائڻ گهرجي. 811 تي ڪال ڪريو يا پنهنجي ٽيسٽ آن لائن بُڪ ڪرڻ لاءِ **alberta.ca/COVID19** وزٽ ڪريو.
- توهان کي ان صورت ۾ مالي مدد به فراهم ڪئي ويندي جيڪڏهن توهان بيمار هجڻ جي ڪري ڪم تي وڃڻ جي قابل نه آهيو، يا عليحدگي (isolation) اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي يا آئسوليشن ۾ رهندڙ ڪنهن ماڻهو جي سارسنڀال ڪرڻي آهي. وڌيڪ معلومات لاءِ **811** تي ڪال ڪريو.
- جيڪڏهن توهان کي ڪووڊ-19 جي ڪري لازمي طور آئسوليشن اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي پر پنهنجي گهر ۾ توهان ائين نه ٿا ڪري سگهو، ته هوٽل ۾ مفت ڪمرا ۽ مالي مدد دستياب آهي. وڌيڪ معلومات لاءِ **211** تي ڪال ڪريو.

## ڇا توهان کي مدد جي ضرورت آهي؟

ٽُڪن جا اهل ٿيڻ بابت ۽ اپوائنٽمينٽ بُڪ ڪرڻ بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ **811** تي ڪال ڪريو. اها سهولت 240 زبانن ۾ ميسر آهي.

پنهنجي گهريلو ٻولي ۾ ڪووڊ19- جي متعلق مدد حاصل ڪرڻ لاءِ **1-833-217-6614** تي ڪال ڪريو.

## ڇا توهان کي سواري جي ضرورت آهي؟

ٽُڪا لڳرائڻ جي مقرره جاءِ ڏانهن وڃڻ ۽ واپس ورڻ لاءِ سواري ڳولڻ بابت مدد حاصل ڪرڻ لاءِ **211** تي ڪال ڪريو.

21-0013015 ADV-8884